# سنڌي ٻاگو

## (ادب)

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا

# سنڌي ٻوليءَ جي بقا، بچاءُ ۽ ترقي (ڪوشش جو جائزو)

***Abstract:***

**A Critical Analysis of the efforts being made for the sustainability and progress of Sindhi Language**

*All the languages of the world are an invaluable asset for their respective civilisations. The Sindhi language is amongst the ancient languages of sub-continent, and its script i.e the Indus script has existed for the past thousand of years. However, tracing the point of origin of this language is a subject requiring further study and research. The language progressively developed during the British era and the process of development continued for years and years. Presently, Sindhi language is undergoing a crisis / critical period which requires immediate attention and efforts for its existence, sustainability and progress. In this paper, different measures have been proposed and suggested for the sustainability of Sindhi language. A comprehensive study of the efforts undertaken in the past for sustainability and progress of this language during various periods is also discussed. It is hoped that this critical study would prove to be instrumental in the efforts undertaken for the sustainability of Sindhi language.*

### سنڌ جي ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ حيثيت:

(الف): دنيا جون سڀ ٻوليون، پنهنجن پنهنجن ملڪن جو قيمتي سرمايو هونديون آهن. سنڌي ٻولي بہ، قديم توڙي موجوده سنڌ جي ماڻهن جو قومي سرمايو آهي. مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جو دنيا ۾ سڀ کان پهرين، دنيا جي پهرئين ڪتاب، ’رگ ويد‘ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح، قديم سنڌ ۾، پنجينءَ کان ستين صدي عيسويءَ ۾، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (۴۴۱ع-۶۴۱ع) ۾، آيل چيني سياحن ۽ ودوانن، هرهڪ: فاهيان، هيون-چانگ، هيون-شئنگ ۽ سنگ، پنهنجن لکيل سفرنامن ۽ تاريخي دستاويزن ۾، سنڌ، سنڌوندي ۽ سنڌ جي ماڻهن جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذڪر ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح ايرانين جي قديم مذهبي ڪتاب ’اوستا‘ ۾ به، سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ اُن زماني واري سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾، معلومات ڏنل آهي.

(ب): (i) سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي، اُن جي باري ۾ ڪا آخري راءِ ڏيڻ في الحال ممڪن نه آهي ڇاڪاڻ ته قديم آثارن ۽ علم اللسان جا ماهر، سنڌو تهذيب جي قديم آثارن مان هٿ آيل مهرن تي لکيل اکرن جي پڙهڻ ۽ اُن جي ’پاڄ‘ جي سلسلي ۾، آخري نتيجن جو اڃا انتظار ڪري رهيا آهن. اُن سلسلي ۾، هن وقت تائين، ماهرن طرفان ظاهر ڪيل انوماني نتيجن مان اهو معلوم ٿي سگهيو آهي ته، ”سنڌي ٻولي، سنڌو-ماٿر جي قديم ۽ اصلوڪي ٻولي آهي.“ جنهن جو قديم نالو ’سنڌو‘ هو. يقيناً، سنڌو درياءَ جي نالي پٺيان ٻٽجندر قديم ملڪ، سنڌوءَ جي ٻولي کي به ’سنڌو‘ سڏيو ويو هوندو. دنيا جي پهرئين ڪتاب، ’رگ ويد‘ ۾، سنڌ ملڪ ۽ اُن جي وچان وهندڙ نديءَ کي، ’سنڌو‘ سڏيو ويو آهي. قديم آثارن ۽ علم الانسان جي ماهرن جو اهو پڻ رايو آهي ته اُن زماني ۾، قديم سنڌو تهذيب ۽ اُن جي قديم رهاڪن کي به ’سنڌو لوڪ‘ جي نالي سان سڏيو ويو هوندو.

(ii) سنڌو ماٿر جي قديم آثارن ۽ علم الانسان جا ماهر هاڻ، هن فيصلي تي پهتا آهن ته سنڌو تهذيب ۽ اُن تهذيب جا اصلوڪا ڌٽي، هن سرزمين تي ڪٿان، ڪنهن ٻئي ملڪ مان لڏي اچي آباد ڪونه ٿيا هئا، پر سنڌو تهذيب، هتي جي ماڻهن جي اصلوڪي ۽ مقامي تهذيب آهي، جيڪا سنڌو ماٿر مان ئي اپري، اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ ان قديم تهذيب، هن واديءَ اندر ئي جنم ورتو ۽ پرورش پاتي، هن دعويٰ جا دليل، آثار قديمه ۽ علم الانسان توڙي علم اللسان جي مختلف ماهرن، پنهنجن پنهنجن تحقيقي تجزين ۾ ڏنا آهن، اُنهن ماهرن ۾، ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، ڊاڪٽر پرپولا، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر مارڪ ڪنائر، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، سراج الحق ميمڻ، پروفيسر پروين ٽالپر ۽ هن مقالي جي مصنف (ڊاڪٽر غلام علي الانا) جا نالا شامل آهن.

(iii) هت اهو ٻڌائڻ به تمام ضروري آهي ته دنيا جو وڏو سنڌ شناس، جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جنهن شروع ۾ ته سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل جي سلسلي ۾ اهورايو ڏنو هو ته:

”مُئن جي دڙي جي آثار قديمه مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي





سگهجي ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي شايد ڪا سامي زبان جي سٽ مان هئي، جنهن تي دراوڙي ۽ پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو، انهن آريائي ٻولين مان، قديم زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ تي گهٽي ۾ گهٽو اثر، ايراني ۽ داري ٻولين جو پيو، ۽ اُن بعد پالي پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو“ (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، ١٩٦٠ع)

پر پوءِ، ١٩٩٤ع ۾، موهن جي دڙي جي قديم آثارن مان هٿ آيل مهرن جي ’پاڄ‘ تي سوچيندي، سنڌي ٻوليءَ جي ساڳئي موضوع جي باري ۾، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجيءَ اُنهيءَ پراڻيءَ سوچ ۾ تبديلي آندي ۽ پوءِ جيڪو رايو ڏنائين، تنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب چيو ته:

”هن سلسلي جو ’ٿيون پانيو‘ هيءُ پڻ تجويز ڪري سگهجي ٿو ته ’سنڌو لکت‘ کي پڙهڻ لاءِ، ان جي ڪتبن ۽ پاڳن ۾، خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي پانيي تي اعتراض ٿي سگهي ٿو، ته سنڌي هن دؤر جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور نٿو ڪري سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض، دراوڙيءَ تي به ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو اِهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا ۽ جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي سي ’قديم سنڌو ٻوليءَ جي لکت‘ ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن؟ جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ، ’قديم سنڌو لکت‘ واري ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن ته پوءِ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ ’قديم سنڌي تهذيب واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار ٿي سگهن ٿا.“ (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، ١٩٩٤ع: ٣=٧)

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزئي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته ڪي اهڙا عام اسم توڙي خاص نالا جيڪي هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج آهن سي ڪم از ڪم پوٽا تيرهن سو سال اڳ به رائج هئا، جو اُهي ٨ صدي عيسويءَ جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب فتحنامي ۾ محفوظ آهي) ۾لکيل صورت ۾ موجود آهن، جيتوڻيڪ اُهي اڃا به ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا. (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، ١٩٩٤ع: ٣-٧)

(ت) (i) مطالعي مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته موجوده سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جا ثبوت، ٻيءَ صدي عيسويءَ کان وٺي پنجين صدي عيسويءَ تائين واري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زماني ۾، جين ڌرم جي پنڊت هيمچندر جي لکيل ڪتاب مان مليا آهن، جن کان پوءِ ڊاڪٽر محمد حسين، پنهنجي ڪتاب ’هندي ادب ڪِي تاريخ‘ ۾، ١٩٥٥ع ۾ حوالي طور ڏنا هئا. انهيءَ شاعريءَ کي پوءِ ڊاڪٽر سنتي ڪمار چٽرجي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به پنهنجن ڪتابن ۾ پيش ڪيو. انهن ثبوتن جي ملڻ کان پوءِ، اها دعويٰ ڪئي وئي ته سنڌي شاعريءَ جا ثبوت، سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان پنج صديون اڳ مليا آهن.

(ii) سنڌ ۾ عربن جي حڪومت، ٩٣ ھ/ ٧١٢ع کان ٤١٦ھ/١٠١٠ع ۾، هباري خاندان جي حڪومت جي خاتمي تائين رهي. هبارين کان پوءِ، سنڌ ۾ سن ٤١٦ھ/١٠١٠ع کان/١٠٢٥ع تائين، سومرن جي حڪومت جو پهريون دؤر رهيو. سومرن جي اُنهي حڪومت کي، محمود غزنويءَ، منصوره تي حملو ڪري گهڻيءَ خون ريزيءَ ۽ قتل عام کان پوءِ ختم ڪيو، پر سن ١٠٥١ع ۾ سومرن وري سنڌ تي ٻيو ڀيرو قبضو ڪيو. سندن اها حڪومت، سال ١٣٥١ع ۾ سمن ڄامن جي هٿان ختم ٿي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سومرن جي حڪومت جي ٻئي دؤر (١٠٥١ع – ١٣٥١ع) ۾، اسماعيلي فڪر جي داعين، پير ستگرنور (وفات: ١٠٧٩ع)، پير شمس سبزواري ملتاني (١١٦٥ع-١٢٧٦ع) ۽ پير صدر الدين (١٢٩٠ع-١٤٠٩ع) کان سواءِ بدين جي ساموڊي ساحل طرف جي هڪ بستيءَ جي رهاڪو ’مائي مرڪان شيخڻ‘، ’سمنگ چارڻ‘ ۽ ’ٻاڳو ٻان‘ جي لوڪ شاعري مختلف صنفن ۾ رچيل آهي، اُنهيءَ شاعريءَ مان، اُن دؤر جي ٻوليءَ جا نمونا ملن ٿا.

(iii) اهڙيءَ طرح لاڙ ۾، گهاري ۽ ڏابيچيءَ جي ويجهو، ڀنڀور جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان، حاصل ٿيل برتنن جي ڀڳل ٺڪرين تي، سنڌي ٻوليءَ جي لوهاڻڪي رسم الخط ۾ لکيل ڪي لفظ پڻ هٿ آيا هئا. جن جو ذڪر آثار قديم جي کاتي جي اُن وقت جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر ايف اي خان، پنهنجيءَ رپورٽ ۾ ڪيو هو (٢٩٦٣٠ : ١٩٦٣ع، Khan, F.A. Dr). البت ڊاڪٽر ايف-اي خان، پنهنجيءَ رپورٽ ۾، ڪنهن به رسم الخط جو نالو ڪونه لکيو هو.

(iv) سومرن کان پوءِ، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغل نوابن جي حڪومت واري زماني (١٣٥١ع – ١٥٩٣ع) ۾، سنڌي ٻوليءَ جي وڏن وڏن شاعرن، جهڙوڪ: قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه ڪريم، اسحاق آهنگر ۽ شيخ حماد جي هٿ آيل ڪلام مان اهو





ثابت ڪيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي شاعري تمام گهڻي اڳاٽي آهي.

(ث) (i) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي، برهمڻن جي حڪومت واري زماني (٦٤١ع-٧١٢ع) کان به اڳ واري زماني ۾، وڻج واپار واري ٻولي هئي. جنهن جا ثبوت، ڀنڀور جي قديم آثارن مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل اکرن مان ملن ٿا، جن جو ذڪر، سنڌي صورتخطي (ڇاپو چوٿون ١٩٩٣)، ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ (٢٠٠٦ع) ڪتابن ۾ حوالن سان ڪيو ويو آهي.

عربن جي حڪومت واري دؤر ۾، سنڌي ٻوليءَ جي وڻج ۽ واپار واري ٻولي هجڻ جا ثبوت، عرب سياحن جي سفرنامن، ۽ خاص ڪري البيرونيءَ جي لکيل ’ڪتاب الهند‘ ۽ ٻئي مواد مان ملن ٿا. سومرن جي ٻئي دؤر ۾ سنڌو ماٿر ۾ آيل اساعيلي داعين جي گنانن مان به هن سلسلي ۾ ثبوت ملن ٿا. اهڙيءَ طرح سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ به، اُن زماني ۾ گذاري ويل شاعرن، خاص ڪري صوفي شاهه عنايت، شاهه لطف الله قادري، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي مطالعي مان هن موضوع جي باري ۾ تمام گهڻي مدد ملي ٿي.

(ii) تحقيق مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي شاعري، لوڪ شاعري هئي، اُها لوڪ شاعري، دوهن ۽ سورٺن جي صنفن ۾ ڪيل آهي. انهيءَ شاعريءَ جا موضوع، واقعه نگاري، محبوب جي سونهن ۽ سينگار جو ذڪر ۽ ڳاهون هيون. ڪلهوڙن واريءَ حڪومت جي زماني ۾، جلال ڪٽي مشهور لوڪ شاعر ٿي گذريو آهي. هن سينگار واريءَ شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪمال درجي جي شاعري ڪئي. اهڙيءَ طرح ڪلاسيڪي ادب ۾ ميين شاهه عنات، شاهه لطيف ۽ لاکي لطف الله جي شاعريءَ ۾، واقعه نگاري، محبوب جي حسن ۽ جمال جي ذڪر کان سواءِ، انسان دوستي ۽ انسان شناسيءَ وارن موضوعن تي خيالن جو اظهار ڪيو ويو آهي.

(iii) ديني ادب جي سلسلي ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾، سومرن جي حڪومت جي ٻئي دؤر واري زماني کان مواد ملي ٿو، پر ڪلهوڙن جي دؤر ۾، صرف ٺٽي شهر ۾، مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ شاهه لطف الله قادري، وڏا عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن. انهن عالمن جا وڏا ۽ ناميارا مدرسا هئا، جن ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾، ديني تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وَئي، انهن بزرگن، سنڌي ٻوليءَ ۾، دين جي سکيا ڏيڻ لاءِ معياري ڪتاب پڻ لکيا.

(iv) سنڌ ۾ تصوف جو پيغام بہ سومرن جي حڪومت کان ڏيڻ شروع ڪيو ويو. هن ڏس ۾، سهروردي، قادري، نقش بندي ۽ چشتيہ فڪرن وارن صوفين کان سواءِ، اسماعيلي فڪر جي صوفين، باطني تصوف جو پيغام، سنڌو ماٿر ۾ پهچايو. سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ بہ، سنڌ ۾ وڏا وڏا صوفي بزرگ پيدا ٿيا، پر تصوف جي پيغام ڏيڻ جي سلسلي ۾، ڪلهوڙن جو دؤر مثالي دؤر هو. هن دؤر ۾، صوفي شاهہ عنايت شهيد کان سواءِ، لنواري شريف ۾، خواجہ محمد زمان، ڀٽ شاهہ تي شاهہ حبيب ۽ شاهہ عبداللطيف ۽ درازا شريف فقيرصاحبڏنو فاروقي، ڪلهوڙن جي دؤر جا وڏا صوفي هئا.

اهڙي طرح، ٽالپرن جي دؤر ۾، جتي سچل فقير، پنهنجي مستيءَ واري تصوف جي سکيا ڏني، اُنهيءَ ئي دؤر ۾، سندس ويجهي همعصر ويدانتي شاعر، ساميءَ ويدانيتي ويچارن کي، سنڌيءَ ۾ بيان ڪيو. اُتي هن (سامي) جي شاعريءَ ۾، صوفياڻيون ڳالهيون پڻ بيان ٿيل آهن.

(v) ٽالپرن جي دؤر ۾، ايراني اثر جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾، عروضي شاعريءَ جي شروعات ڪئي وئي. هڪ طرف سچل سرمست غزل چيا تہ ٻئي طرف سيد ثابت علي شاهہ، مرثين، نوحن ۽ سلامن وغيره ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي ڪايا ئي پلٽي ڇڏي. هن دؤر ۾، ٽالپر حڪمرانن ۽ اُنهن جي شهزادن بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عروضي شاعري ڪئي.

مطلب تہ سنڌي ٻولي، سومرن جي زماني کان وٺي، ٽالپرن جي دؤر تائين، ڪلاسيڪي ادب، لوڪ ادب ۽ عروضي طرز جي وزن تي شاعري ڪندڙ شاعرن، هر دؤر ۾، پنهنجي ڪلام ذريعي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي قدر نواڻ آندي.

**انگريزن جي دؤر ۾، سنڌي ٻولي ۾ آيل ترقيءَ جو جائزو:**

(الف) انگريزن، جيتوڻيڪ وٽج واپار خاطر ڪلهوڙن جي زماني کان سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو هو، جنهن جو ذڪر، لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ پڻ ملي ٿو، پر پوءِ انگريزن ۱۷ فيبروري، ۱۸۴۳ع تي مياڻيءَ جي جنگ ۾، مير نصير خان ٽالپر کي، ۽ هڪ





مهيني کان پوءِ، يعني ۲۴ مارچ، ۱۸۴۳ع تي، ڏُبي واري جنگ ۾ مير شير محمد خان ٽالپر جي فوج کي شڪست ڏيئي، سنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ پوءِ هن ملڪ تي پنهنجا اثر ڄمايا.

(ب) (i) سنڌ ۾، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪومتن جي زماني ۾، فارسي زبان، حڪومت جي سرڪاري زبان طور رائج ڪئي وئي هئي، پر انهيءَ هوندي بہ انهن ٻنهي دؤرن ۾، سنڌ جي عوام جي زبان، سنڌي ئي هئي. انهن دؤرن ۾، جتي فارسي زبان ۾، شعرو شاعريءَ کان سواءِ، ٻيو وڏو ادبي سرمايو بہ لکيو ويو، سنڌ جي سياسي سماجي ۽ ادبي تاريخ جا نادر مسودا هن ئي زماني ۾ لکيا ويا، اُتي ڪلهوڙن حاڪمن مان، ميان سرفراز خان عباسيءَ ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾، مير نصير خان ۽ مير عبدالحسين خان سانگيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ لاثاني ڪلام چيو جيڪو اڄ بہ سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن وٽ پنهنجو اهم مقام رکي ٿو.

(ii) مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ ۾، فارسي ٻوليءَ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان هجڻ واريءَ حيثيت سبب، فارسي زبان جو، سنڌي جي لغوي ذخيري تي بہ وڏو اثر ٿيو هو. روزمره جي استعمال جا، سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ انتظامي اُمور وارا هزارن جي تعداد ۾ لفظ، سنڌي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ شامل ٿي ويا. جيڪي پوءِ سنڌي لغات جو لازمي حصو بڻجي ويا.

(ت) (i) حقيقت ۾، انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ئي سنڌي ٻوليءَ، هر شعبي ۾ ترقي ڪئي. شروع شروع ۾، سنڌ ۾ انتظامي مسئلن کي سمجهڻ ۽ اُنهن کي سلجهائڻ کان پوءِ، ۱۸۴۵ع ۾، بمبئيءَ جي بورڊ آف ايجوڪيشن، سنڌ ۾ ايجوڪيشنل ايجنسي ناهڻ جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. ساڳئي وقت، سنڌ ۾ اها تحريڪ بہ شروع ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي بڻايو وڃي. انهيءَ تحريڪ نيٺ، مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جو سوال اٿاريو. اُن وقت تائين، انگريزن علمدارن مان ڪي، سنڌي ٻولي سمجهي ۽ ڳالهائي ٿي سگهيا، پر اُنهن جي عملي مان ڪو بہ ماڻهو، سنڌي ٻولي لکي ۽ پڙهي نہ سگهندو هو. ملڪ جو نظام، ترجمانن (Interpreters) ذريعي هلايو ٿي ويو ۽ سرڪاري لکپڙهہ، فارسي ٻوليءَ ۾ هلندي هئي.

(ii) انهيءَ حالت کي محسوس ڪندي، ۱۸۴۸ع ۾، بمبئيءَ جي تڏهوڪي گورنر، سر جارج ڪلارڪ، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ۾ هن اهو ڄاڻايو هو تہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آئنده انتظامي امور هلائڻ جي سهوليت لاءِ، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي. انهيءَ حڪم نامي جو متن، 'سنڌي صورتخطي' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتابن ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

(iii) بمبئي صوبي جي گورنر جي حڪم جي روشنيءَ ۾، سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر، سر بارٽل فريئر، ١٨٥٧ع ۾، هڪ حڪم نامو جاري ڪيو، جنهن ۾ سڀني سرڪاري عملدارن کي هدايت ڪئي وئي تہ اُهي سڀ، سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن، سر بارٽل فريئر، پنهنجي حڪم نامي ۾ واضح طور ڄاڻايو هو تہ:

(١) آئنده سڀ سرڪاري لکپڙهہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي وڃي.

(٢) يورپي ۽ ٻيا سڀ پرڏيهي عملدار، سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن تہ جيئن اُهي سنڌ جي ڏيهي ماڻهن ڪان پنهنجي سر حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪري سگهن.

(iv) اُن وقت تائين، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪ معياري صورتخطي ٺهيل ڪانہ هئي، انهيءَ گهرج کي محسوس ڪندي، سربارٽل فريئر، سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻو ماڻهن، جن ۾ ڪي انگريز عملدار بہ شامل هئا، سنڌي ٻوليءَ لاءِ معياري صورتخطي ٺهرائي، جيڪا اڄ تائين ڪن ٿورن حرفن جي سڌاري ڪان پوءِ، سنڌ ۾ رائج آهي. انگريزن جي حڪومت، سنڌ لاءِ هڪ تعليمي پاليسي پڻ ٺاهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ هڪ رٿا پڻ منظور ڪئي. اُن رٿا موجب اهو فيصلو ڪيو ويو تہ:

١. سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ معياري صورتخطي مقرر ڪئي وڃي.

٢. سنڌ جي سڀني اسڪولن ۾ مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي.

٣. سڀني سرڪاري دفترن ۽ ڪورٽن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي، دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪيو وڃي.

٤. سرڪاري آفيسرن لاءِ، سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ڪئي وڃي.

٥. سنڌي ٻوليءَ ۾، درسي توڙي ٻين معياري ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، ۽ مترجمن لاءِ انعام رکيا وڃن.

٦. سنڌ ۾، تعليم کاتو قائم ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ اسڪولن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾





نصابي مواد تيار ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکائڻ ۽ ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

٧. سنڌ ۾، تعليم کاتي ۾، 'ترجمي لاءِ مرڪز' (Cell) قائم ڪيو وڃي.

٨. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ، ڪميٽي جوڙي وڃي.

٩. سنڌ ۾ ڇاپخانا قائم ڪيا وڃن.

١٠. سرڪاري طور اخبارون ڪڍيون وڃن.

١١. سرڪاري اشتهار، سرڪيولر ۽ نوٽيس وغيره، سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري ڪرڻ لاءِ احڪام جاري ڪيا ويا.

مطلب تہ انگريزن جي حڪومت، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿائون منظور ڪيون ۽ اُنهن تي عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو ويو، اها ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ ڇئبي.

(ث) (i) انگريزن جي حڪومت واري دؤر ۾، سرڪاري ڪوشش ڪان سواءِ کي خانگي ڪوششون پڻ شروع ڪيون ويون. اُنهن خانگي ڪوشش جي مدد سان، سنڌي ٻوليءَ جي نظم توڙي نثر ۾، ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا، ناول نويسي، ناٽڪ نويسي، ڪهاڻي نويسي ۽ مضمون نويسي جي شروعات پڻ هن ئي دؤر ۾ ڪئي وئي. سرڪاري طور توڙي خانگي ڪوشش سان، سنڌي ٻوليءَ جون لغتون، سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ علم منطق، علم صحت، علم معاشيات، علم التعليم، جاگرافي ۽ هندستان جي تاريخ جي موضوعن تي ڪتابن جي لکجڻ ۽ ڇپجڻ جي شروعات ڪئي وئي.

(ii) انگريزن جي حڪومت جي شروع واري زماني ۾، سنڌي نثر ۾ ديوان ننديرام سيوهاڻي، ديوان اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، ديوان پريداس، ديوان نولراءِ شوقيرام، ديوان ڪؤڙومل چندنمل، قاضي غلام علي، سيد ميران محمد شاهہ اول، ديوان چوهڙمل، ميان غلام حسين قريشي، ديوان ڪيولرام شهاڻي، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اديب پيدا ٿيا، جيڪي حقيقت ۾، اوائلي سنڌي نثر نويسيءَ جا بانيڪار هئا.

(iii) انگريزن جي شروع واري دؤر ۾، جن چئن بزرگ اديبن، سنڌي ٻوليءَ ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ان جي ان زماني جي لحاظ کان، جديد نثري ادب کي اعليٰ معيار تي پهچائڻ جي سلسلي ۾ وڏي ڪوشش ڪئي ۽ ان کي ترقي ڏياري انهن ۾ ديوان ڪؤڙومل چندنمل، رشي ڏيارام گدومل، مرزا قليچ بيگ ۽ ديوان پرمانند ميوارام جا نالا خاص طور بيان ڪيا ويا آهن. اُنهن چئني اعليٰ اديبن، اُن زماني ۾، سنڌي نثر جي تخليقي ۽ تنقيدي ادب جي مختلف موضوعن تي، معياري ۽ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو. مرزا قليچ بيگ ته جديد شاعريءَ واري حصي ۾ به گهڻوئي مواد لکيو. ديوان ڪؤڙي مل کي سنڌي ادب جا ڪي نقاد، ناٽڪ نويسيءَ جو باني سمجهن ٿا.

مرزا قليچ بيگ، شاعريءَ کان سواءِ، بيشمار ناول ۽ ناٽڪ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا. مرزا صاحب بين الاقوامي ادب عاليه کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو. مرزا صاحب، مضمون نويسيءَ جي نثري صنف تي، 'بيڪنس ايسيز' جو، 'مقالات الحڪمت' جي عنوان سان ترجمو ڪري، هن صنف جي، سنڌي ٻوليءَ ۾ شروعات ڪئي.

مطلب ته انگريزن جي حڪومت جي وچ واري عرصي تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾، ان زماني جي لحاظ کان، جديد نثر توڙي نظم وارين صنفن تي، سون جي تعداد ۾ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. انگريزن جي دؤر ۾ عروضي شاعريءَ جي سلسلي ۾، آخوند گل محمد گل، آخوند محمد قاسم، سيد فاضل شاهه، سيد غلام محمد شاهه، مير عبدالحسين خان 'سانگي'، شمس الدين 'بلبل' ۽ مرزا قليچ بيگ جهڙا باڪمال شاعر پيدا ٿيا، جن علم عروض واري وزن تي، ڪمال درجي جي شاعريءَ سان، سنڌي ٻوليءَ کي سينگاري ڇڏيو.

(ج) (i) سنڌي ادب جا نقاد اهو ڄاڻن ٿا ته نندي ڪنڊ ۾، ١٩٣٦ع کان، ترقي پسند نظرئي جو اثر شروع ٿيو. انهيءَ اثر کان، اُن زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ جا اديب ۽ شاعر به پاڻ کي بچائي نه سگهيا. اُنهن ۾ ڪشنچند 'بيوس'، حيدر بخش جتوئي ۽ 'ڪيئلداس' فاني، پهريان سنڌي شاعر هئا، جن هن (ترقي پسند) نئين نظرئي کي پنهنجي ڪلام ذريعي پيش ڪيو. اڳتي هلي هن نظرئي، اُن زماني جي نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۽ اديبن کي متاثر ڪيو. انهن شاعرن ۽ اديبن ۾، شيخ عبدالرزاق 'راز'، شيخ اياز، اياز قادري، گوبند مالهي ۽ گوبند پنجابيءَ جا نالا خاص طور ورتا ويندا آهن.

(ii) انگريزن جي ٿي دؤر ۾ ١٩٤٠ع کان، ترقي پسند نظرئي سان گڏ، قومي





بيداريءَ واري نظرئي جو به سنڌي علم ادب تي اثر ٿيو. سنڌ ۾، مرحوم الله بخش 'ابوجهي' 'مسدس حالي' کان متاثر ٿي، 'مسدس ابوجهو' لکيو، قومي بيداريءَ واري شاعريءَ جي سلسلي ۾، مير حسن علي خان 'حسن' جو نالو، اُن دؤر جو هڪ وڏو نالو آهي. مير حسن علي خان، 'حسن'، 'سنڌ جو شاهنامو' منظوم ڪيو، هن شاهنامي ۾، مير حسن علي خان، ميان سرفراز خان عباسيءَ جي حڪومت واري زماني کان وٺي، مير مراد علي خان ٽالپر جي حڪومت واري زماني تائين، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي نقش نگاري ڪئي.

(iii) هن ئي دؤر ۾ جتي سنڌي شاعري، ترقي پسند ۽ قومي بيداريءَ وارن نظرين کان پاڻ کي بچائي نه سگهي، اُتي سنڌي نثر جي عبارت کي، نئين عبارت آرائي واريءَ طرز ۾ لکڻ وارن نثر نويسن ۾، مرزا قليچ بيگ کان سواءِ رئيس شمس الدين 'بلبل'، لالچند امر ڏنومل، چينمل پرسرام گاراجاڻي، ميلارام منگترام واسواڻي، نارائڻداس يمپاڻي، پيرومل آڏواڻي، بولچند ڏيارام ۽ ڪؤڙومل چندنمل جا نالا قداور نثر نويسن ۾ شمار ڪيا ويندا آهن.

(iv) اڳ ۾ اهو چيو ويو آهي، ته هن دؤر جي سنڌي نثر نگارن ۾، مرزا قليچ بيگ، سنڌي نثر جي هر صنف کي، ترجمن ۽ طبعزاد ڪتابن ذريعي، هر لحاظ کان مالا مال ڪري ڇڏيو. هن ئي دؤر ۾، سنڌ ۾ ڪيترين ئي ڊراماٽڪ ۽ ادبي سوسائٽين پڻ قائم ڪيون ويون، جن نه صرف وڏي تعداد ۾، ڊرامن تي مشتمل ڪيترائي ڪتاب ڇپايا، پر اُنهن ڊرامن مان ڪيترائي ڊراما، اسٽيج تي پڻ ڏيکاريا ويا.

(v) مطالعي مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته سنڌ ۾، ١٩٤٠ع کان وٺي، ورهاڱي تائين واري دؤر ۾، ترقي پسند ۽ قومي بيداريءَ وارو ادب گهڻي زور ۽ جذبي سان لکيو ويو. اُنهن تحريڪن جي اثر جي ڪري، سنڌ ۾ بيشمار ادبي اشاعتي ادارا قائم ڪيا ويا. انهن تحريڪن، سنڌي ادب ۾، ٻين نون نظرين، جهڙوڪ: وجوديت، رومانيت ۽ حقيقت پسندي جي سوچ جا وڏا اثر ڇڏيا. اِنهن مان حقيقت نگاريءَ واري نظرئي تي ٻڌل ڪهاڻين جي، امر لعل مگهراڻيءَ، آسانند مامتورا ۽ مرزا نادر بيگ شروعات ڪئي.

حاصل مطلب ته ١٩٤٠ع کان وٺي، ١٩٤٧ع ۾، ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قائم ٿيڻ واري زماني کان اڳ، سنڌ ۾ قائم ٿيل علمي ۽ ادبي ادارن تي، اهي نظريا اثرانداز ٿي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چڪا هئا. ترقي پسند ادبي نظرئي، سنڌي ٻوليءَ ۾، تخليقي ۽ مزاحمتي ادب کي همٿايو، سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن ۽ نثر نويسن، انهن نون نظرين جي حوالي سان، ڪيترائي ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻيون لکيون، يا اهڙا ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻيون، ٻين ٻولين جي لکيل ادب تان ترجمو ڪيون.

**پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيدا ڪيل مسئلا:**

(الف) (i) تاريخ شاهد آهي تہ پاڪستان جي قائم ڪرڻ ۾ سنڌ جي هر سياسي فڪر جي ماڻهو اهم ڪردار ادا ڪيو، ۽ جيڪڏهن سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي، ٣ مارچ ١٩٤٣ع تي، پاڪستان جي قائم ڪرڻ جي حق ۾، نندي ڪنڊ ۾، سيني صوبائي اسيمبلين ۾ سڀ کان پهرين، ٺهراءُ منظور نہ ڪري ها تہ اڄ هندستان جو نقشو ڪجھ ٻيو هجي ها، پر سنڌ اسيمبليءَ جي هن ٺهراءُ، بانيءِ پاڪستان، قائد اعظم جا هٿ مضبوط ڪيا.

(ii) پاڪستان، ١٤ آگسٽ، ١٩٤٧ع تي قائم ٿيو، ۽ ١٩٤٨ع ۾، مشرقي پاڪستان جي مرڪزي شهر، ڍاڪا ۾، اردو ۽ بنگالي ٻولين جي وچ ۾ ڪشمڪش پيدا ڪئي وئي، جيتوڻيڪ سنڌ ۾، پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي اديبن، شاعرن، سياستدانن ۽ صحافين جي ذهنن ۾، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ وڏيون اُميدون هيون، پر ١٩٥١ع کان ئي، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي بقا ۽ بچاءُ لاءِ وڏا مسئلا پيدا ڪيا ويا. حالانڪ سنڌي ٻوليءَ جي سجاڳ ۽ قوم پرست اديبن، شاعرن ۽ مفڪرن، سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليق ڪيل علم ادب ذريعي، هن منزل تائين پهچندي، سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي جديد ٻولين جي ادب سان، ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيهڻ جي سگهہ عطا ڪري ڇڏي هئي. سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ معيار وارو ۽ جديد ادب، هن ئي دؤر ۾ لکيو ويو هو.

(ب) (i) پاڪستان جي قائم ٿيڻ (١٩٤٧ع) کان هڪدم پوءِ، ملڪ جون حالتون اهڙيون بڻجي ويون جو سنڌ مان، هندو جاتيءَ جي هر طبقي جي ماڻهوءَ، ڀارت لڏي وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو. اُنهن ۾ سياستدانن، واپارين ۽ زميندارن کان سواءِ، بيشمار اديب، شاعر، محقق، نقاد، مضمون نگار، ڪالم نويس، ڪتاب جي دوڪانن، پريسن ۽ روزانہ اخبارن توڙي ماهوار رسالن جا مالڪ پڻ شامل هئا، جيڪي سنڌ ڇڏي ويا.





ساڳئي وقت هزارن جي تعداد ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر، اُستاد، پروفيسر، نرسون ۽ ٻيا پروفيشنل ماڻهو بہ سنڌ مان هليا ويا. انهيءَ لڏپلاڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪجھ عرصي لاءِ تہ سنڌي علم ادب جي ميدان ۾ 'ماٺار' اچي وئي. ايئن پئي سمجهيو ويو تہ هاڻي سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب شايد، پروين پساهن ۾ اچي ويندو. حالت اهڙي بڻجي وئي جو سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان شايع ٿيندڙ ٿماهي رسالو مهراڻ بہ بند ٿي ويو. سنڌ ۾ گهڻو ڪري سڀ ڇاپخانا، ڪتابن جا دوڪان ۽ ادبي انجمنون ختم ٿي ويون، سنڌي ڪتابن جي چوڌاري اڻاٽ ٿي وئي، پر جيئن تہ سنڌي ٻولي، قديم زماني کان وٺي، اهڙي قسم جا لوڏا ڪائيندي بہ، هڪ امر زبان طور قائم رهندي آئي آهي، تيئن هن دفعي بہ، ڌڻي تعاليٰ پنهنجو ڪرم ڪيو، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سڪل نديءَ ۾، ادبي ڌارا وري موٽ کاڌي. انهيءَ ادبي آبياريءَ جي موٽڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جو سُڪي ويل چمن، وري آباد ٿيڻ لڳو ۽ ٿوري ئي عرصي کان پوءِ، هر طرف گل و گلزار وارو ماحول وري نظر اچڻ لڳو. ڪيترائي پراڻا توڙي نوان اديب ۽ شاعر، ادبي ميدان ۾ گهڙي پيا. انهن سيني رات ڏينهن همٿ ڪري، ڪيترائي ڪتاب لکيا، ڪن ماڻهن، سنڌي ڇاپخانا بہ قائم ڪيا.

(٢) ورهاڱي کان پوءِ، ڀارت جي گجرات، ڪڇ ڪانياواڙ، راجستان ۽ ٻين خطن کان لڏي آيل ميمڻ برادريءَ جي ڪن واپارين ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، سکر، لاڙڪاڻي، نواب شاهہ ۽ ٽنڊي محمد خان ۾، بڪ ڊيپو، جهڙوڪ: ايجوڪيشن بڪ ڊيپو حيدرآباد، ماڊرن سنڌ پبلشنگ هائوس ڪراچي، عباسي بڪ ڊيپو ڪراچي، بُرهاني بڪ ڊيپو ڪراچي، اقبال بڪ ڊيپو ڪراچي، اهڙي طرح مقامي ماڻهن، فردوس پبليڪيشن، هالا، رفيق پبليڪيشن هالا، سلسلہ اشاعت ٽنڊو محمد خان، عزيز اسٽور، سکر ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ادبي ادارا قائم ڪيا، ميمڻ برادريءَ جي ٻاهران آيل واپارين کان سواءِ، ڪن مقامي ماڻهن، اشاعتي ادارا پڻ شروع ڪيا. اُنهن ۾، حيدرآباد ۾، آر-ايڇ احمد اينڊ برادرس، ميٿرس يوسف اينڊ برادرس کان سواءِ بشير اينڊ سنز ۽ نسيم بڪ ڊيپوءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي وئي.

هن سلسلي ۾، مولانا محمد عثمان ڏيپلائي صاحب تہ وڏو ڪم ڪيو. هن صاحب، اسلامي ادب جي اشاعت جو ڪم شروع ڪيو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(iii) سنڌ جي ڏار ڏارشهرن ۾، ڪيترائي نوجوان اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار پيدا ٿيا. جن ان زماني ۾ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي. ان زماني ۾، پاڪستان پبليڪيشن طرفان شايع ٿيندڙ، سنڌي ماهوار رسالي، نئين زندگي نوجوانن ڪي ادبي ميدان ۾ آڻڻ جو خاص ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾، تخليقي ادب وڏي زور شور سان شروع ٿي ويو. هن دؤر ۾، سنڌ جي عالمن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جي بين الاقوامي مفڪر، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جون ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪيل فلسفي واريون عالمي تقريرون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ سندس ڊنل انٽرويو، دلچسپي رکندڙ ماڻهن لاءِ علم جي چاهہ جو ذريعو بڻيون.

(ت) (i) ۱۹۵۴ع ۾، ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ ۾ جديد ۽ ترقي پسند سنڌي ڪهاڻي نويسيءَ جي سلسلي ۾، نوجوان اديبن، ڪامياب ڪوششون ڪيون. اُنهن نوجوان ڪهاڻيڪارن اديبن ۾، جمال ابڙو، اياز قادري، غلام رباني آگرو، سراج الحق ميمڻ، رسول بخش پليجو، ع. ق. شيخ، عبدالستار شيخ، نجم عباسي، بشير مورياڻي، علي احمد بروهي، ڪروڙ پتي، امر جليل، عبدالغفور انصاري، رشيد ڀٽي، اُميد علي سرائي، حافظ شاهہ حسيني، راز بلڙائي، نسيم کرل ۽ ٻيا بہ ڪيترائي مشهور ڪهاڻيڪار شامل آهن.

(ii) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان صرف ٽي سال پوءِ، يعني ۱۹۵۱ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي خلاف، سازشون شروع ڪيون ويون. ڪراچي شهر ۽ ڪراچيءَ جي آسپاس وارن علائقن کي، گورنر جنرل جي حڪم سان، سنڌ صوبي کان ڌار ڪري، مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو ۽ ڪراچي شهر کي، پاڪستان جو دارالخلافہ بنايو ويو. اُن فيصلي کان پوءِ، ڪراچي شهر لاءِ، ۱۹۵۱ع ۾، ’ڪراچي يونيورسٽي‘ جي نالي سان هڪ ڌار ۽ نئين يونيورسٽي قائم ڪئي وئي، ۽ ڪراچيءَ ۾، ۳ جون، ۱۹۴۷ع کان وٺي قائم ٿيل سنڌ يونيورسٽيءَ کي، ڪراچيءَ مان سنڌ ۾ ٻي ڪنهن بہ شهر ۾ لڏي وڃڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو.

(iii) ڪراچي يونيورسٽيءَ، پنهنجي قائم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، هڪ حڪم نامي تحت، سنڌي ٻوليءَ جي، ڪراچي ۽ ان جي آس پاس واري خطي ۾ ذريعہ تعليم ۽ امتحانن جي ذريعي طور ڪم اچڻ واري حيثيت، ختم ڪري ڇڏي. اُن کان سواءِ، ڪراچي سٻ ڊويزن (وفاق ۾ شامل خطي) واري علائقي ۾ قائم، سنڌي ذريعہ تعليم





وارا سڀ اسڪول (۱۳۰۰ کن) بند ڪري ڇڏيا ۽ اُنهن سنڌي اسڪولن جي جاءِ تي، نوان اردو زبان جي ذريعہ تعليم وارا اسڪول قائم ڪيا ويا.

(iv) پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان فقط هڪ سال پوءِ، يارهين سيپٽمبر ۱۹۴۸ع تي، بانيءِ پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح، بلوچستان جي هڪ بستيءَ، زيارت ۾ وفات ڪئي. قائداعظم جي وفات کان هڪدم پوءِ، ملڪ ۾، سياسي پيچ ڊاهہ ۽ اقتدار تي قبضي ڪرڻ لاءِ سازشون شروع ٿي ويون. اُن زماني ۾، ملڪ جو درويش صفت وزير اعظم، خواجہ ناظم الدين، غلام محمد جهڙي هڪ پراڻي سازشي بيوروڪريٽ جي سازش جو شڪار بڻجي ويو. اُن کان پوءِ ترت، پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان کي، راولپنڊيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو. لياقت علي خان جي شهادت، پاڪستان جي انتظامي امور کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو. انهيءَ حالت جي ڪري پاڪستان جي ننڍن صوبن جي هيٺئين طبقي جي عوام جو سک ۽ آرام تباهہ ٿي ويو. سنڌ، پختونخوا، بلوچستان ۽ ايسٽ پاڪستان (موجوده بنگلہ ديش) سياسي سازشن جو شڪار بڻيا.

(v) انهيءَ سازش تحت، مشرقي پاڪستان جي سياسي طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ ۴، آڪٽوبر، ۱۹۵۴ تي، مغربي پاڪستان جي ٽن صوبن ۽ سيني آزاد رياستن کي ملائي، ون يونٽ ٺاهيو ويو. ون يونٽ حڪومت طرفان، ون يونٽ ۾ شامل علائقن، سنڌ، صوبہ خيبر پختونخوا، ۽ اڳوڻين آزاد رياستن جي ماڻهن سان ظلم ۽ ڏاڍايون شروع ٿي ويون. انهيءَ زماني ۾ سنڌ صوبي سان تہ خاص ڪري زيادتيون ڪيون ويون. سنڌي ٻوليءَ جي ذريعہ تعليم واري حيثيت ختم ڪئي وئي، نہ فقط ايترو پر سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ۽ سرڪاري ٻولي هجڻ واريءَ حيثيت کي بہ ختم ڪيو ويو. سنڌ جي سيني سرڪاري، نيم-سرڪاري ۽ لوڪل باڊيز جي دفترن کان سواءِ، ڪورٽن ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي ختم ڪري، اُن جي جاءِ تي اردو ٻوليءَ کي نافذ ڪيو ويو. سنڌي جي ماڻهن لاءِ، سرڪاري نوڪرين جا دروازا بند بہ ڪيا ويا، ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليجن ۾ بہ سنڌ جي شاگردن جي داخلا کي ناممڪن بڻايو ويو.

(vi) ملڪ ۾ اهڙي ماحول پيدا ٿي وڃڻ ڪري، سنڌ جي سياسي اڳواڻن، هر هڪ: شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، سائين جي ايم سيد، سيد ميران محمد شاهہ، رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي، قاضي محمد اڪبر، مولا بخش سومري، حيدر بخش



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جتوئي، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، رئيس عبدالحميد خان جتوئي، قاضي فيض محمد، قاضي فضل الله، طاهره آغا ۽ سنڌ جي ڪن ٻين سڄاڳ سياستدانن توڙي ڪن سنڌي سول بيوروڪريٽس، ون يونٽ سرڪار جي، انهن ۽ اهڙين ٻين سازشن جي خلاف آواز اٿاريو. اُنهن سياسي اڳواڻن کان سواءِ، سنڌ جي قوم پرست، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ شاگرد اڳواڻن ون يونٽ خلاف تحريڪ کي اڳتي وڌايو. سنڌي قومي هڪ ئي پليٽ فارم تي متحد ٿي وئي.

(vii) سنڌي قوم جي انهيءَ سوچ ۽ اتحاد، سنڌي ادب ۾ نئون موڙ، نئون ولولو ۽ نئون انقلاب آڻي ڇڏيو. انهيءَ انقلاب، سنڌ ۾ مزاحمتي ادب کي وڌيڪ هٿي ڏني. ون يونٽ سرڪار جي سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ خلاف ڪيل فيصلن، ماڻهن ۾ سنڌ سان پيار، سنڌي سماج سان پيار، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان پيار جهڙين ڪيفيتن کي وڌيڪ جاڳايو. هن دؤر ۾ حقيقت ۾، سنڌيت، سنڌ پرستيءَ، سنڌي قوم پرستيءَ، واري جذبي جي صورت اختيار ڪئي. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ون يونٽ خلاف آواز اٿاريو ويو.

(ٿ) (i) ون يونٽ خلاف ملڪ ۾ هلايل تحريڪ، ملڪ جي نظام کي لوڏي ڇڏيو هو، اهڙي حالت ڏسي ٣ آڪٽوبر، ١٩٥٨ع تي، فيلڊمارشل جنرل محمد ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، ملڪ تي فوجي حڪومت قائم ڪئي.

جنرل محمد ايوب خان واري مارشل لا وارو زمانو، سنڌ جي ماڻهن، پختونن، بلوچن ۽ مشرقي پاڪستانين (بنگالين) لاءِ عذاب ۽ اذيت وارو دورهو، سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هي دؤر تمام خطرناڪ دؤر هو. هن دؤر ۾، اڻسڌيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنرل ايوب خان، ملڪ جي ٻين مسئلن کان سواءِ پاڪستان ۾، تعليم جي سڌاري لاءِ، اُن وقت جي سيڪريٽري تعليم، مسٽر شريف، جي اڳواڻيءَ ۾، تعليمي ڪميشن جوڙي.ان ڪميشن ۾، سنڌ جو ڪو بہ نمائندو شامل ڪونہ هو. مذڪوره تعليمي ڪميشن، ١٩٥٩ع ۾ جنرل محمد ايوب خان کي جيڪي سفارشون ڪيون، اُنهن سفارشن ۾، سنڌي ٻوليءَ کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو، اُنهن سفارشن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو تہ: ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حيثيت کي گهٽائي، پرائمري اسڪول جي تعليم جي سطح تي ڪلاس ٽئين تائين آندو وڃي ۽ ان کان پوءِ، مڊل ڪلاس کان وٺي، ثانوي ۽





اعليٰ ثانوي سطح جي تعليم لاءِ، مغربي پاڪستان ۾ فقط اردو زبان کي ئي رائج ڪيو وڃي.

(ii) شريف ڪميشن جي انهيءَ سفارش جي خلاف، سڄي سنڌ جا ماڻهو اُٿي پيا. سنڌ جي روزانہ اخبارن، انهيءَ سفارش جي خلاف ايڊيٽوريئل لکيا ۽ ڪالم شايع ڪيا، سنڌ جي چونڊ اديبن طرفان، حڪومت جي اهڙي فيصلي جي خلاف، حيدرآباد ۾، سنڌ اوريئنٽل ڪاليج، حيدرآباد ۾، مخدوم امير احمد جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. انهيءَ تحريڪ جو روح روان، دراصل شمشير الحيدري هو. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ ۽ بقا لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ تحريڪ هلائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي وئي، ۽ مخدوم امير احمد صاحب جي اڳواڻيءَ ۾، ’سنڌي زبان سوسائٽي‘ جي نالي سان ادارو قائم ڪيو ويو. اُن سوسائٽيءَ کان سواءِ، ’سنڌي ادبي سنگت‘، پنهنجي پليٽ فارم تان، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ ۽ بقا لاءِ، جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن ساري بيان جي تفصيلي معلومات لاءِ، ان وقت جون روزانہ اخبارون، ماهوار رسالا، ٽماهي مهراڻ رسالو ۽ ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ ڪتاب پڙهي سگهجن ٿا.

(iii) سنڌي زبان سوسائٽيءَ جو پهريون سيڪريٽري جنرل، مرحوم مقبول پيٽي هو. پوءِ اُن جي جاءِ تي، مون (غلام علي الانا خواجہ) کي، سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو.

هن سوسائٽيءَ طرفان سڄي سنڌ ۾ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا جن جنرل ايوب خان کي سنڌ جي هر وڏي ڳوٺ، بستي ۽ شهر مان سوسائٽي جا مطالبا، ڇپيل پوسٽ ڪارڊن ۽ ٽيليگرامن ذريعي، لکن جي تعداد ۾ موڪلڻ شروع ڪيا. تارن ۽ پوسٽ ڪارڊن تي اينڌڙ خرچ، ڪارڪن پاڻ ڀريندا هئا، البت، ڪارڊن تي مواد، مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي، پنهنجي پريس مان مفت ۾ ڇاپي ڏيندو هو.

(iv) سنڌ مان، اسلام آباد، روزانہ پهچندڙ لکن جي تعداد ۾ تارن ۽ پوسٽ ڪارڊن، سنڌ ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي هلندڙ تحريڪ، حڪومت جو ڌيان ڇڪايو، جنرل محمد ايوب خان طرفان، سندس حڪومت ۾، سنڌ جي نمائندي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي، سنڌ يونيورسٽي موڪليو ويو تہ جيئن شهيد مرحوم، سنڌ جي ماڻهن سان ملي، انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪا راهہ ڏسي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شهيد مرحوم، سنڌ يونيورسٽيءَ جي، مدر ايلسا قاضي ڪئمپس جي علامہ آءِ آءِ قاضي هال ۾، سنڌ جي اديبن، شاعرن، صحافين، شاگرد اڳواڻن، وڪيلن ۽ سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي نمائندن کي مخاطب ٿيو. پهرين تہ شاگرد اڳواڻن، صحافين ۽ ٻين قوم پرست نوجوانن، پيٽي صاحب جي سامهون، حڪومت خلاف نعرا هنيا، انهن جي نعرن ۽ ماڻهن جي جذبي کي ڏسي، شهيد مرحوم، مائيڪ تي آيو ۽ فرمايائين تہ: ”نوجوانو! اڄ هتي اچي مونکي خوشي بہ ٿي آهي ۽ اوهان جي رويي تي مونکي افسوس بہ ٿيو آهي. آءٌ خوش انهيءَ ڪري ٿيو آهيان، جو اڄ پاڪستان ۾، بنگالين کان پوءِ، سنڌ جي ماڻهن ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي جاڳرتا آئي آهي، ۽ مون کي افسوس انهيءَ ڪري ٿيو آهي، جو اوهان منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ کان اڳ منهنجي بيعزتي ڪئي آهي. ان کان پوءِ شهيد مرحوم، سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي نمائندن، هر هڪ مخدوم امير احمد، مولانا غلام محمد گرامي، سيد سردارعلي شاه، مسٽر محمد ميمڻ وڪيل، حفيظ قريشي، خواجہ غلام علي الانا (سوسائٽيءَ جي سيڪريٽريءَ) سان ملاقات ڪئي.

شهيد مرحوم، وفد کي مشورو ڏنو تہ: سنڌ جي انهيءَ مسئلي جي سلسلي ۾ هڪ مدلل ميمو رئنڊم ٺاهي، منهنجي معرفت صدر پاڪستان کي موڪليو باقي ڪم مون تي ڇڏي ڏيو.

(v) شهيد مرحوم جي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي ڏينهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پروفيسر محترم علي نواز خان جتوئي، مون کي چيو تہ اهو ميمورئنڊم آءٌ لکي ڏيندس، مرحوم جتوئي صاحب، ميمورئنڊم تيار ڪيو. اُن جي نوڪ بلک ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ درست ڪئي، ۽ پوءِ مرحوم غلام رضا پيٽي صاحب جي معرفت، اُهو ميمورئنڊم شهيد مرحوم کي پهچايو ويو، سنڌي زبان سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي تحريڪ جو اثر اهو ٿيو جو ١٣ آڪٽوبر، ١٩٦٢ع تي، حڪومت پاڪستان هڪ آرڊيننس ذريعي، سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي حيثيت بحال ڪري ڇڏي.

(vi) ١٩٦٤ع ۾، سنڌ ۾ قائم ڪيل ٽيڪنيڪل ادارن ۾، هڪ سازش تحت، سنڌ جي شاگردن لاءِ داخلا جا دروازا بند ڪيا ويا. انهيءَ سازش تحت ٻيو قدم هي کنيو ويو جو، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي پروفيسرن ۽ آفيسرن خلاف، پئمفليٽ ڪڍيا ويا. اُن کان سواءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن، حيدرآباد (ٻيا بورڊ





اڃا قائم ڪونہ ٿيا هئا) ۾، امتحان ڏيندڙ اميدوارن جي امتحانن جي پيپرن جا، سنڌي ٻوليءَ ۾ جواب ڏيڻ واري فيصلي کي، هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾، پوسٽرن ذريعي مطالبا ڪيا ويا.

سنڌ ۾ سڄاڻ ماڻهن، سنڌ ۾ سازش ڪندڙ اهڙن ماڻهن جي منفي ارادن کي سمجهي ورتو. انهن سازشي ماڻهن جي مراد اها هئي، تہ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ واري مسئلي کي، هڪ دفعو وري ڇيڙيو وڃي. انهيءَ سازش جي جواب ۾، مادري زبانن کي، ذريعہ تعليم بنائڻ جي حق ۾، جوابي ۽ مدلل پوسٽر جاري ڪيا ويا.

انهيءَ ئي زماني ۾، ڪن غير-سنڌي سرڪاري ڪامورن، سنڌي دشمني ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ نفرت جو کليو کلايو مظاهرو ڪيو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد، بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد توڙي ٻين سرڪاري آفيسن جي عمارتن جي نالن وارا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ٻيا اطلاعاتي بورڊ، انهن آفيسن جي عمارتن تان هٽايا ويا.

(ث) (i) اڳتي هلي ١٩٦٧ع ۾ حيدرآباد جي تڏهوڪي ڪمشنر، مسرور حسن خان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظامي معاملن ۾، دست اندازي ڪرڻ شروع ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي، اُن وقت جي وائيس چانسيلر، پروفيسر حسن علي عبدالرحمٰن، ڪمشنر، مسرور حسن طرفان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظامي معاملن ۾، دست اندازي ڪرڻ تي، ڪمشنر جي مخالفت ڪئي، وائيس چانسيلر جي اهڙي مخالفت تي وقت جي ڪمشنر، جنهن غيراخلاقي ۽ غيرقانوني طرح ساڻس، وائيس چانسيلر کي، پوليس جي اٿالي جي گهيراءُ ۾، يونيورسٽي مان زبردستي ٻي دخل ڪري، انڊس هاءِ وي ذريعي، ٻولاريءَ کان ڪراچيءَ روانو ڪيو ويو. ڪمشنر (مسرور حسن خان) جي انهيءَ روش تي، سنڌ يونيورسٽيءَ جا استاد، انتظامي عملو ۽ شاگرد مڇرجي پيا، انهيءَ واقعي جو سربستو احوال، ٽماهي رسالي مهراڻ، اُن وقت جي روزانہ اخبارن ۽ ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ ڪتاب ۾ رڪارڊ ٿيل آهي. اُن کان پوءِ ١٩٧٠ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي عمارت کي ٻاهران، وينٽيليٽر مان باهہ ڏني وئي، انهيءَ واقعي تي سڄيءَ سنڌ ۾ هنگاما ٿيا. ان موقعي تي، الطاف عباسي مرحوم هڪ نظم لکيو، جنهن ۾ عباسي مرحوم، سنڌ جي دشمنن کي اهو پيغام ڏنو تہ: ”هاڻ تہ گهر گهر سنڌالاجي ٻڌجي ويو آهي، تون ڪنهن ڪنهن کي باهہ ڏيندين؟

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ii) مطلب تہ ١٩٥٤ع کان ١٩٧٠ع وارو زمانو، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ وڏيءَ آزمائش جو زمانو هو. اهڙي ماحول جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سنڌ جي شاگرد طبقي، سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجن پنهنجن تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ هر تعليمي اداري ۾ 'سنڌي سورمن جي شام' جي نالي سان جلسا ڪيا ۽ اُنهن جلسن ۾ سياسي، سماجي ۽ قوم پرست شاگرد اڳواڻن، ون يونٽ کي ٽوڙڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو جائز مقام ڏيڻ لاءِ جوشيلين ۽ جاڳرتا آڻيندڙ تقريرون ڪيون ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي نئين ٿهيءَ ۾ سجاڳي آندي.

(iii) سنڌ ۾ انهيءَ جاڳرتا واريءَ تحريڪ ۾ اُن وقت جي شاعرن، اديبن ۽ قوم پرست مفڪرن پنهنجو ڀرپور حصو ورتو. انهن مفڪرن ۾ مخدوم طالب المولىٰ، مولانا غلام محمد گرامي، ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، اُستاد بخاري، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، نياز همايوني، حفيظ قريشي، محمد خان مجيدي، عبدالڪريم گدائي، محسن عباسي، رشيد ڀٽي ۽ بَردي سنڌيءَ کان سواءِ پير علي محمد شاهہ راشدي، پير حسام الدين راشدي توڙي ٻيا ڪيترائي اڳواڻ اڳيان اڳيان هئا. انهيءَ تحريڪ جي پيغام کي، ٽماهي رسالي مهراڻ، ماهوار روح رهاڻ، ماهوار سهڻيءَ ۽ ماهوار نئين زندگي رسالن، سنڌ جي گهر گهر تائين پهچايو.

(ج) (i) ١٩٦٧ع وارين حالتن کان پوءِ جنرل آغا محمد يحيٰ خان طرفان، پاڪستان، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان اليڪشن لاءِ ووٽرن جون لسٽون، مغربي پاڪستان ۾ فقط اردو زبان ۾ شايع ڪيون ويون. اردو زبان ۾ سنڌ جي اليڪٽوريٽ جي لسٽ شايع ٿيڻ تي، سنڌ جي ماڻهن اعتراض ڪيو ۽ سنڌ جي ووٽرن جون لسٽون، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڇپائڻ جو مطالبو ڪيو، پر وقت جي حڪومت طرفان، سنڌ جي ماڻهن جو اهو مطالبو رد ڪيو ويو. سنڌ ۾ ووٽرن جون لسٽون، سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن ڪا سرگرمي ڪانہ ڏيکاري. سنڌ جي سياسي اڳواڻن جي، سنڌي ووٽرن جي لسٽن جي سلسلي ۾ سرد مهري ڏسي، سنڌ جي اُن وقت جي هڪ قوم پرست شاگرد اڳواڻ، لالا قادر، سنڌ جي ووٽرن جون لسٽون سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرڻ جو حڪومت کان مطالبو ڪيو ۽ پنهنجي مطالبي ۾ لالا قادر، اهو بہ اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن حڪومت، سنڌي ووٽرن جون لسٽون، سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع نہ ڪرايون، تہ پوءِ هو بک





هڙتال تي هليو ويندو.

لالا قادر، هفتو کن انتظار ڪندو رهيو ۽ نيٺ وقت جي سرڪار جي خاموشي ڏسي، هو (لالا قادر)، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ پنهنجن ڪن ساٿين سان بک هڙتال تي ويهي رهيو. لالا قادر جي انهيءَ بک هڙتال، سنڌ ۾ وڏي هلچل مچائي ڇڏي. هر شهر ۾ سنڌي ووٽرن جون لسٽون، سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ مطالبا وڌندا ويا. لالا قادر جي بک هڙتال کي هفتو کن گذري ويو.

(ii) بک هڙتال ختم ڪرڻ لاءِ لالا قادر وٽ ڪيترائي دفعا، سرڪاري ڪامورا ۽ ڪي سياسي اڳواڻ بہ حاضر ٿيا. هنن وڏا وڏا وعدا بہ ڪيا، پر لالا قادر سنڌس مطالبي جي مڃڻ تائين پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو ۽ بک هڙتال جاري رکيائين. نيٺ ١٧ نومبر، ١٩٦٩ع تي رات وچ ۾ لالا قادر ۽ سنڌس بک هڙتالي ساٿين کي پوليس گرفتار ڪري ڪٽي وئي ۽ انهن کي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو. حڪومت جي انهيءَ قدم تي ٻئي ڏينهن يعني ١٨ نومبر ١٩٦٩ع تي سڄيءَ سنڌ۾ هلچل مچي وئي. انهيءَ ئي ڏينهن، سنڌ ائگريڪلچر ڪاليج، ٽنڊوڄام ۾ لالا قادر جي حمايت ۾ ٤٨ شاگرد، بک هڙتال تي ويهي رهيا، انهيءَ ڏينهن، پوليس، اُنهن شاگردن کي بہ گرفتار ڪري وئي. پوليس پوءِ هر طرف چؤڪس نظر اچي رهي هئي. حيدرآباد شهر ۽ آس پاس وڏو ڌهڪاءُ ڦهليل هو.

(٣) ساڳئي ڏينهن، يعني ١٨ نومبر ١٩٦٩ع تي، شام جو، حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر جي بنگلي جي ٻاهر ۽ دروازي جي سامهون، سنڌ جي نياڻي، اختر بلوچ، سنڌي سماج جي ريتن رسمن جي پرواهہ نہ ڪندي، پردي جا سڀ بندڻ ٽوڙي، پنهنجن ڀائرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جان نثار فدائين جي گرفتاريءَ تي اعتراض ڪندي، وڏي فخر سان مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال تي اچي ويٺي، بک هڙتال تي وهڻ وقت، اختر بلوچ جيڪا وَلولہ آميز تقرير ڪئي، اُها سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ڪتاب جي، صفحي ٢٠١ تي ڏني وئي آهي.

اختر بلوچ جي بک هڙتال تي وهڻ سان ئي، سڄي سنڌ ۽ خاص ڪري حيدرآباد شهر جي سياسي حالت جو نقشو ئي بدلجي ويو. شاگرد اڳواڻن، صحافين، اديبن ۽ شاعرن ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ٿي ويو. انهيءَ ساري واردات جو مڪمل تفصيل، ٽماهي مهراڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ڪتاب مان پڙهي سگهجي ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حيثيت:

(الف) (i) سنڌ جي هر سڄاڻ ماڻهوءَ کي اها خبر آهي، تہ آغا محمد يحيٰ خان، اُن وقت جي چيف ماشل لا ائڊ منسٽريٽر، جون، ١٩٧٠ع ۾، ون يونٽ کي ٽوڙيو، اڳوڻن ٽن صوبن، پنجاب، سنڌ ۽ خيبرپختونخوا، جي اڳواڻي صوبائي حيثيت بحال ڪئي، ۽ ساڳئي وقت، بلوچستان علائقي ۽ اُن خطي جي اڳوڻين رياستن کي ملائي، پاڪستان جي تاريخ ۾، بلوچستان کي پهريون دفعو صوبائي حيثيت ڏني، البت صوبن ۾ اڳي جيڪي خودمختيار رياستون هيون، اُنهن رياستن کي صوبن اندر ئي ضم ڪرڻ واري اڳوڻي فيصلي کي بحال رکيو.

(ii) جنرل آغا محمد يحيٰ خان، اپريل ١٩٧٠ع ۾، پاڪستان ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرايون، پاڪستان ۾، اُهي چونڊون، صاف ۽ سٺريون چونڊون چيون وڃن ٿيون. اُنهن چونڊن ۾، مشرقي پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان جي پارٽي عوامي ليگ ۽ مغربي پاڪستان ۾، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي، پاڪستان پيپلز پارٽي، وڏيءَ اڪثريت سان، ڪاميابي حاصل ڪئي. چونڊن کان پوءِ، ملڪ جو فوجي صدر ملڪ جي قومي اسيمبليءَ ۾، ٻنهي صوبن کان چونڊجي آيل ميمبرن جو اجلاس ڪوٺائڻ ۾ ناڪامياب ٿيو ڇاڪاڻ تہ مشرقي پاڪستان ۾، عوامي ليگ جي ايڏي وڏيءَ ڪاميابيءَ تي فوج خوش ڪانہ هئي. جنرل يحيٰ خان جي سرد مهري ڏسي، نيٺ شيخ مجيب الرحمان ١٦ ڊسمبر ١٩٧٧ تي مشرقي پاڪستان کي بنگلاديش جي نالي سان، هڪ نئين ۽ آزاد ملڪ طور قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. شيخ مجيب الرحمان جي انهيءَ اعلان ۽ بنگلاديش جي قيام جو مڪمل احوال، ٽماهي مهراڻ ۽ روزانہ اخبارن ۾ موجود آهي.

(ب) (i) شيخ مجيب الرحمان جي مذڪوره بغاوت کان پوءِ، فوجي صدر، مجبور ٿي، مغربي پاڪستان ۾ اڪثريت سان چونڊجي آيل، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ، ذوالفقار علي ڀٽي کي مارچ ١٩٧١ع ۾، پاڪستان جي حڪومت جون واڳون حوالي ڪيون، جنهن، سول مارشل لا ائڊمنسٽريٽر، ۽ صدر پاڪستان جي حيثيت ۾ ملڪ جون واڳون سنڀاليون.

(ii) ذوالفقار علي ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان فوراً پوءِ، سنڌ جي ماڻهن، نئين





حڪومت کان ون يونٽ ۽ جنرل ايوب خان جي مارشل لا واري زماني ۾، سنڌ، سنڌ جي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان ٿيل زيادتين جي تلافي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڳواڻي تعليمي، تدريسي، سرڪاري ۽ دفتري حيثيت بحال ڪرڻ جي گُهر ڪئي.

(iii) سنڌ جي ماڻهن جي انهن جائز مطالبن جو احترام ڪندي، ذوالفقار علي ڀٽي جي خواهش تي، سنڌ پيپلز پارٽيءَ طرفان، ١٩٧٢ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي، تدريسي ۽ دفتري حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ، 'سنڌي ٻوليءَ جو بل' پيش ڪيو ويو. اهو بل، سنڌ اسيمبلي جي، ٧ جولاءِ، ١٩٧٢ع، واري اجلاس ۾، يڪراءِ منظور ڪيو ويو. انهيءَ بل جي منظور ٿيڻ کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾، اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي هڪ گروهہ طرفان، اعتراض ڪيو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ لساني جهڳڙا ڪرائڻ شروع ڪيا، انهن جهڳڙن ۽ اردو ڳالهائيندڙ اُنهيءَ گروهہ جي باري ۾ تفصيلي ذڪر، ٽماهي مهراڻ ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ڪتاب ۾' صفحي ٤٠١ کان ٤١٥ تائين پڙهي سگهجي ٿو.

(iv) اردو ڳالهائيندڙن جي اُنهيءَ گروهہ طرفان، ڪراچيءَ ۾، سنڌي ٻولي بل جي خلاف لساني جهڳڙا ڪرائڻ واري مسئلي جي ڪري، ذوالفقار علي ڀٽي کي وچ ۾ پوڻو پيو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ڪيل مذڪوره بل جي عمل درآمد کي في الحال روڪيو ويو، ۽ ٢٢ آڪٽوبر ١٩٩٠ع ۾ ٧ جولاءِ، ١٩٧٢ع واري سنڌي ٻولي جي منظور ڪيل مذڪوره بل جي باري ۾ تر ميمي آرڊيننس جاري ڪيو ويو، ۽ ١٩ نومبر ١٩٩٠ع تي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهو ترميم ٿيل بل منظور ڪيو ويو. انهيءَ ترميم ٿيل بل ٤، ڊسمبر ١٩٩٠ع تي، سنڌ جي گورنر جي صحيح کان پوءِ، Act جي صورت اختيار ڪئي.

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو قيام:

(i) سنڌي لئنگئيج جي ترميم ٿيل بل جي منظور ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ سرڪار طرفان پهرين سيپٽمبر، ١٩٩١ع تي، 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' جي نالي سان هڪ نئون ادارو قائم ڪيو ويو. هن اداري جي قائم ڪرڻ لاءِ، اداري جي قانون ۾ هيٺيان مقصد واضح ڪيا ويا.

١. سنڌ جي سڀني تعليمي ادارن ۾، سنڌي ٻوليءَ ذريعي، تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪرڻ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٢. سنڌي ٻوليءَ کي، سنڌ جي سرڪاري، نيم- سرڪاري، لوڪل باڊيز جي آفيسن ۽ ڪورٽن ۾، دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

٣. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جتن ڪرڻ.

(ii) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پنهنجي قيام (١٩٩١ع) واري زماني کان وٺي، هن وقت (٢٠١٥ع) تائين، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري کان سواءِ پنهنجين ٻين ذميوارين جي سلسلي ۾ جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اُن جي باري ۾، اٿارٽيءَ جي ساليانين رپورٽن کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ڪتاب مان اهڙي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(iii) آءٌ اڳ ۾ به اهو ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي بتدريج ترقي، اُن ۾ تخليق ڪيل ترقي پسند ۽ مزاحمتي توڙي تنقيدي، تحقيق ۽ فني ترقيءَ جي سلسلي ۾، صحيح معنيٰ ۾ ڪيل جدوجهد ۽ اُن ۾ ڪاميابي، ١٩٥٤ع ۾، يعني ون يونٽ جي قائم ٿيڻ واري زماني کان وٺي شروع ٿي هئي. ان زماني کان وٺي ۽ پوءِ جنرل محمد ايوب خان جي مارشل لا واري زماني ۾، ۽ اُن کان پوءِ ١٩٧٧ع ۾ جنرل ضياءَ واري مارشل لا، ۽ ان کان پوءِ ١٩٩٩ع کان ٢٠٠٨ ع واري جنرل مشرف واري زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهڻن مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو. انهن دؤرن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي جا دروازا سرڪاري ادارن ۾ ته بند ڪيا ويا. سيني ادارن جي ساليانی گرانٽ به گهٽائي وئي.

(iv) اڳ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي پهرئين دؤر ۾، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي زماني ۾، ١٩٧١ع کان ١٩٧٧ع تائين واري زماني ۾، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌ ۾ تعليم ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تدريسي مواد جي تيار ڪرڻ لاءِ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌ بيورو آف ڪريڪيولم جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا. هن دؤر ۾ پاڪستان ۾، سنڌ سميت ٻين صوبن ۾، جنرل ۽ فني يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي، سنڌ ائگريڪلچر يونيورسٽي، ٽنڊو ڄام کان سواءِ بلوچستان يونيورسٽي، قائد عوام يونيورسٽي، نواب شاهه، پيپلز گرلز ميڊيڪل ڪاليج، نواب شاهه، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻو، گومل يونيورسٽي، ديره اسماعيل خان ۽





ملتان يونيورسٽي (جنهن جو پوءِ نالو بدلايو ويو)، پيپلز اوپن يونيورسٽي ان جو نالو به پوءِ بدلايو ويو) قائم ڪيون ويون.

(v) ون يونٽ واري زماني کان ئي، سنڌي ادب ۾ نوان نوان موڙ آيا. سنڌي ٻوليءَ جا وڏا وڏا اديب ۽ شاعر، هن ئي دؤر ۾ پيدا ٿيا، اُنهن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، عبدالڪريم گدائي، ابراهيم جويو، شيخ اياز، مولانا غلام زاهد محمد گرامي، شيخ عبدالرزاق راز، اُستاد بخاي، نياز همايوني، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، اسد الله شاهه حسيني، حافظ شاهه حسيني، محمد خان مجيدي، بردو سنڌي، رشيد ڀٽي، ع. ق شيخ، امداد حسيني ابراهيم منشي، توڙي ٻيا به ڪيترائي اعليٰ شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا. نثر جي ميدان ۾ تحقيقي، تنقيدي ۽ مزاحمتي ادب ۾ علي محمد شاهه راشدي، حسام الدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، پروفيسر محبوب علي چنا، پروفيسر علي نواز جتوئي، پروفيسر محرم خان، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻيا به ڪيترائي نثر نويس پيدا ٿيا، جن سنڌي ٻوليءَ ۾ سون جي تعداد ۾ نوان لفظ نوان اصطلاح، نئيون چوٽيون ۽ نوان پهاڪا جوڙي، ٻوليءَ ۾ شامل ڪيا.

سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن، پنهنجيءَ شاعريءَ ۾، لفظن جي فراواني ۽ ترنم سان گڏ، موسيقيت واري خوبي پڻ پيدا ڪئي. اهو انداز، دراصل شاهه لطيف ۽ سانوڻ فقير جي ڪلام ۾ گهڻو نظر ايندو آهي.

(vi) سنڌي ٻوليءَ جي شاندار ماضيءَ، ترقي پذير حال، درخشان ۽ روشن مستقبل تي پنهنجا ويچار وندبيندي، سنڌ جي وڏي ڏاهي ۽ مفڪر، پير علي محمد شاهه راشديءَ، اُن زماني ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کان متاثر ٿي، پنهنجو تجزيو، هيٺ ڏنل لفظن ۾ پيش ڪيو آهي:

”سنڌيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم اهڙي زور شور سان، اسان جي ڏسندي ڏسندي شروع ٿيو، ۽ جيڪي ڪجهه اڄ تائين ٿي چڪو آهي، سو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته، آزاد پاڪستان اندر جيترو علمي ۽ ادبي ڪم، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي. اوترو ڪنهن به مقامي ٻوليءَ ۾ ڪونه ٿيو آهي. زيور هرڪا پائي پر ڪا زيور نمڪائي به ته ڏيکاري!“

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پير صاحب اڳتي لکي ٿو:

”سنڌي اهل قلم حضرات بلڪل ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. خدا ڪين نظربد کان بچائي ۽ سندن همٿون بلند ڪري. هنن ملڪ جي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي. جڏهن ميان محمد حنيف صديقي يا ڊاڪٽر دائود پوٽو يا آءُ ڏڪا ٿاٻا ڪائيندا، ڪتاب ڳولهيندا، ڳنهيندا، اوڌر تي وٺندا پئي وياسين، تڏهن اسان ڪي هي خواب و خيال ۾ بہ ڪونہ هو تہ اسان جي پنهنجن مان ڪو اهڙو نسل پيدا ٿيندو، جو سمورو اباڻو لساني ورثو ۽ خزانو ڳولهي ڦولهي، هٿ ڪري، هميشہ لاءِ محفوظ ڪري وٺندو.

اسان جي ابتدائي ڏينهن ۾، اڪثر ماڻهن کي ناٽڪن ۽ ڳانن جو شوق هوندو هو: ڪنهن کي اِها اُميد هئي، تہ اِهي ساڳيا ماڻهو چچنامي، معصومي، طاهري، تحفة الڪرام، بيگلارنامي ۽ مڪلي نامي وغيره جهڙن خشڪ ڪتابن ڏانهن مڙي پوندا، يا پنهنجي زندهہ جاويد املهہ ماڻڪ شاعرن کي ڳولهي، اُنهن جي ٻولي ٻولڻ لڳندا! شاعرن جو ذڪر ڇڙيو آهي، تہ منهنجي هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏيو، تہ مان هن زماني ۾ اهڙا بہ شاعر ڏسان ٿو، جن جو ڪلام، ڪنهن ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام سان، ڪلهو ڳسائيندو نظر ايندو.“ (پير علي محمد شاهہ راشدي ١٩٩٣ع)

(vii) هوڏانهن سنڌ کان ٻاهر ڀارت ۾ لڏي ويل ۽ اسان کان وڇڙي ويل سنڌي هندو اديب، شاعر، نقاد ۽ محقق، اولهہ ۽ ڏکڻ اولهہ ڀارت جي اُنهن شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا. جتي اُنهن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي. اُنهن اُتي علمي ۽ ادبي ادارا قائم ڪيا آهن، تخليقي، تنقيدي ۽ تحقيقي ادب جي حوالي سان بيشمار اعليٰ معيار جا ڪتاب شايع ڪيا اٿن: ممبئي يونيورسٽي، دهلي يونيورسٽي، پوني يونيورسٽي ۽ راجستان يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبا قائم ڪيا اٿن. پوني کان سواءِ ميسور ۾، سنڌي ٻوليءَ تي کوجنا جي سلسلي ۾ ادارو قائم ڪيو اٿن.

سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ آهي، تہ ڀارت جي ڪانسٽيٽيوشن جي اٺين شيڊيول ۾، سنڌي ٻولي ڀارت جي يونين سرڪار طرفان، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ واڌاري لاءِ، ’نئشنل ڪائونسل فار ڊيولپمينٽ آف سنڌي لئنگئج‘ کي داخل ڪرائي، ان کي سرڪاري حيثيت وٺي ڏني اٿن. ان کان سواءِ (NSDSL) جي نالي سان مرڪزي ادارو قائم ڪيو ويو آهي، ۽ اُن اداري جي مقصدن جي ادائگي لاءِ، ساليانہ ڪروڙ رپيا





گرانٽ طور منظور ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح مهارا شٽر، گجرات، راجسٿان ۽ دهلي رياستن طرفان، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ، هر سال وڏي رقم گرانٽ طور ڏني ويندي آهي.

پر انهيءَ هوندي بہ ڀارت لڏي ويل سنڌي هندو جاتيءَ کي، ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل روشن نظر نہ پيو اچي، ڇاڪاڻ تہ لڏي ويلن جي نئين ٿهيءَ سنڌي ٻولي سکڻ ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ڇڏي ڏني آهي. انهيءَ هوندي بہ لڏي ويلن سنڌين جي رويي تي حيراني انهيءَ ڪري بہ ٿيندي آهي، جو ڀارت جي اولهہ ۽ ڏکڻ اولهہ وارن خطن ۾، اڳوڻين رياستن ڪڇ، گجرات، توڙي ڪاٺياواڙ ۾ جهوناڳڙهہ، ڄام ننگر، ماناوادر، دورل، هالار، ۽ ٻين رياستن کان سواءِ راجستان جي ميواڙ، مارواڙ، ٻار ميڙ، جوڌپور، جيسلمير ۽ بيڪانير ۾ هزارين سالن کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين اُتي آباد ڪيترين ئي سنڌي قومن جن پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ، سنڌي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب، سنڌي لوڪ ڪلا، سنڌي لوڪ سنگيت، سنڌي تهذيب، ۽ ثقافت کي قائم رکيو آهي. انهن قديم سنڌي قومن جي لکين ماڻهن کي، سنڌ مان لڏي وڃي ڀارت ۾ آباد ٿيندڙ سنڌي هندن، پنهنجو نہ پر اوپرو سمجهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن قومن ۾ لنگها، مڱڻهار، ميراثي، ڀٽ، چارڻ، جت، اوڏ، ڀان، سما، سومرا، ڀوپا ۽ ڪافي ٻيون اهڙيون ذاتيون آهن، جيڪي هندو جاتيءَ جي ’ڇيپ‘ واري رويي سبب، سنڌ مان ويل سنڌي هندن جي نظر ۾ پنهنجا نہ پر اوپرا آهن. هن موضوع تي مون هڪ الڳ مقالو بہ لکيو آهي، جيڪو ضرور پڙهڻ گهرجي، اُن مقالي جو عنوان آهي: ’ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟

(vii) ١٨٣٥ع واري زماني کان وٺي، برطانيہ، فرانس، جرمني، پورچو گال ۽ يورپ جي ٻين ملڪن کان سواءِ، اڳتي هلي روس، اميريڪا ۽ اٽليءَ جي ڪن ماهرن، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي وياڪرڻ، سنڌ جي تاريخ، سنڌو تهذيب، ۽ سنڌ جي قديم آثارن کان سواءِ، لطيف شناسيءَ جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو: انهن مان ڪننگهام، جان بيمس، ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر رايا ايگوراوا، ڊاڪٽر شمل، ڊاڪٽر ٽربياني، مسنربننگ، ڊاڪٽر بيتينا، مسٽر لويگي، ڊاڪٽر ڪنائر توڙي ڪن ٻين محققن ۽ ماهرن، وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. انهن ماهرن مان ڪن، سنڌو تهذيب، اُن جي لکت تي وڏو ڪم ڪيو آهي، تہ ڪن وري سنڌي قديم آثارن،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ٻوليءَ، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان سواءِ، سنڌ جي تصوف، ويدانيت، سنڌ جي ثقافت تي وڏو معلوماتي ڪم ڪيو آهي. اهڙي طرح روس، چين، جپان، برطانيه ۽ ٻين ملڪن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي پسند ادب ڪي، اُنهن ملڪن جي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

(viii) موجوده دؤر ۾ سنڌ توڙي ڀارت ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي افسانوي ادب، مضمون نويسي، سنڌي ڊراما، سنڌ شناسي، لطيف شناسي ۽ سچل شناسيءَ کان سواءِ، سنڌي ڪلاسيڪي ادب، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي لوڪ رس، عروضي شاعريءَ کان سواءِ سنڌي راڳ ۽ راڳداريءَ جي موضوعناتي گهڻوئي ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ باقاعدي لکجي رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح، سنڌي ادب جي حوالي سان تنقيدي تجزيا، سنڌي ادب ۾ نوان موڙ نون نظرين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جي حوالي سان، وڏو معلوماتي مواد لکيو ويو آهي. اڄ جي دؤر جو پڙهندڙ، سنڌي ٻوليءَ ۾، پنهنجي دؤر جون، پنهنجي سماج جون، پنهنجي ذاتي پسند جون پنهنجي همعصر ادب جون ڳالهيون وڏي اُتساهه سان پڙهي ٿو.

(ix) وڏي فخر جي ڳالهه هيءَ به آهي، ته سنڌي ٻولي، موجوده وقت ۾، تعليم تدريس، علم ۽ ادب، نشر واشاعت، اخباري ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا، ٽي وي (ٽي وي ڊرامن، ڊاڪيومينٽرين، ڪمرشل سروس ۽ ائڊورٽائيزمينٽ) ريڊيو، ڪمپيوٽر ۽ سئٽلائيٽ جي چئنلن وسيلي، عالمي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. موجوده وقت ۾ سنڌي ٻولي تحرير، تقرير، روزمره جي ڪاروبار، وڻج واپار، ابلاغ ۽ اشاعت جي ذريعن لاءِ هڪ معياري ۽ مڪمل زبان طور، هر ميڊيا تي ڪم اچي رهي آهي. اڄ سنڌي ٻوليءَ جا پروگرام سئٽلائيٽ چئنلن ڪي. ٽي. اين، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي، ڪشش، آواز، ڌرتي کان سواءِ پي ٽي وي) تي جنهن نموني سان نشر ٿي رهيا آهن. ان لاءِ جيترو فخر ڪجي، اُهو ٿورو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل ۽ اُن لاءِ ورتل ڪوششون:**

(الف) سنڌي ٻولي جي مستقبل ۾ ترقيءَ لاءِ هن وقت جتي 'سنڌي لئنگئيج





اٿارٽي، هڪ سرگرم اداري طور ڪم ڪري رهي آهي، اُتي سنڌ جا ٻيا به ڪي علمي ۽ اليڪٽرانڪ ادارا ڪوشش ۾ رڌل آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جو IT ڊپارٽمينٽ، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، پنهنجي پنهنجي پروگرام مطابق، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۾ ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. انهن ادارن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي IT ڊپارٽمينٽ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کان سواءِ ڪن نوجوانن خانگي طرح ۽ ڪن ادارن سئٽلائيٽ تي سنڌي چئنلن جي وسيلي، اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته، مون کي اها بلڪل ڄاڻ ڪانهي ته، ڪهڙا ڪهڙا نوجوان، خانگي طور سنڌي ڪمپيوٽنگ جي حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهن؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي انهيءَ سلسلي ۾ اهڙي ڪا به خبر شايع نه ڪئي آهي، يا آءٌ ان کان اڻڄاڻ آهيان."

(ب) (i) هر سڄاڻ ماڻهوءَ کي اها خبر آهي ته، اڄ جو دؤر، ڪمپيوٽر جو دؤر آهي، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي حوالي سان اڄ کان ڪافي عرصو اڳ، محترم بدر هيسباڻيءَ، ماجد ڀرڳڙيءَ، سيد اياز شاهه، سيد دانيال شاهه ۽ ڪن ٻين سڄڻن، ذاتي طور ڪوششون ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بڻائڻ لاءِ، وڏا وس ڪيا. هن سلسلي ۾ ٻيا سڄڻ ته ميدان ڇڏي ويا، پر محترم ماجد ڀرڳڙي اڄ به اميريڪا ۾، مائڪرو سافٽ ڪمپنيءَ جي سهڪار سان، هن سلسلي ۾ سرگرم آهي. اهڙي طرح، اميريڪا، يورپ، جپان ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي نوجوانن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي ٻين ڌار ڌار موضوعن تي، اٽ سو کان به وڌيڪ ويب سائيٽون ٺاهي، انٽرنيٽ تي آنديون آهن.

(ت) سرڪاري ادارن ۾ منهنجي نظر ۾، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي حوالي سان، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو هن وقت تائين ڪيل ڪم، نمايان آهي. ايئن به ممڪن آهي ته شايد ٻين ادارن جي ڪم کان آءٌ اڻڄاڻ هجان، ڇاڪاڻ ته انهن جي ڪيل ڪم جي ڪا به پذيرائي ڪانه ٿي آهي.

اٿارٽيءَ، حقيقت ۾، سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي آڻي، سنڌي ٻوليءَ کي عالمي ٻولي بڻائڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جيتوڻيڪ، ١٩٨٥ع ڌاري، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچيءَ جي ڪمپاٽا ڪمپنيءَ جي تعاون سان، هن سلسلي ۾،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اهڙي قسم جي ڪمپيوٽر جو تعاون پڻ ڪرايو هو، پر اُهو سلسلو اڳتي هلي نہ سگهيو. اُن کان ڪافي اڳ، ١٩٧٠ع ڌاري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سئيٽزر لئنڊ جي مشهور ڪمپنيءَ، 'هرمز' جي مدد سان، سنڌي ٽائيپ رائيٽر (المصطفيٰ ٽائيپ رائٽير) ٺهرائي، مارڪيٽ ۾ آندو هو. سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻولي بنائڻ لاءِ، موجوده زماني ۾ ڪيل اهي ڪوششون، وسارڻ جهڙيون نہ آهن، حقيقت ۾، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن ١٩٩٩ع ۾ اها ڪامياب ڪوشش ڪئي هئي ۽ انٽرنيٽ جي ٻولي بڻجي وڃڻ کان پوءِ هاڻ سنڌي ٻولي وڏج واپار واري ۽ ڪمرشل ٻولي بڻجي وئي آهي.

(ii) ايتري ساريءَ ڪاميابيءَ جي باوجود، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ، سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر تي اُها مهارت اڃا حاصل ڪري نہ سگهي آهي، جيڪا مهارت انگريزي، فرينچ ۽ ٻيون عالمي ٻوليون تہ خير، پر اردو بہ حاصل ڪري چڪي آهي. اٿارٽيءَ هن سلسلي ۾، سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ماهرن جي هڪ ڪميٽيءَ جي ڪوشش سان، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ، 'لطيف فانٽ'، جي نالي سان، هڪ معياري فانٽ تيار ڪري ورتو هو ۽ 'نادرا' وٽ اُن فانٽ جو تعارف ڪرايو هو، هن وقت تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي ٻيا فانٽ، ڪمپيوٽر تي اچي چڪا آهن. انهن مان MB Latifi فانٽ ڪافي مشهور آهي، پر اٿارٽيءَ جي جوڙيل فانٽ 'لطيفيءَ' جو ڪٿي بہ نالو ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. ممڪن آهي تہ MB Latifi فانٽ، اٿارٽي واري 'لطيف فانٽ' جي ئي صورت هجي.

(ث) خوشيءَ جي ڳالھ هيءَ بہ آهي تہ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ماجد ڀرڳڙي صاحب جي رهنمائيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي، انٽرنيٽ جي ٻولي بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، مستقبل ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽنگ سسٽم ۾ ترقي آڻڻ لاءِ هيٺيون پروگرام تجويز ڪيو هو، بلڪ ان پروگرام تي عمل ڪرڻ بہ شروع ڪري ڇڏيو آهي:

١. جڳ مشهور، مائڪرو سافٽ ڪمپنيءَ جي سهڪار سان، سنڌي ٻوليءَ کي يونيڪوڊ تي آڻڻ تہ جيئن بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اي-ميل ڪري سگهجي.

٢. سنڌي ٻوليءَ ۾ ونڊوز تيار ڪرڻ لاءِ، مختلف سافٽ ويئر ڪمپنين جو سهڪار





حاصل ڪرڻ.

٣. سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي حوالي سان، ڪمپيوٽر تي اهي سڀ سهولتون مهيا ڪرڻ، جيڪي انگري، فرينچ، عربي، فارسي ٻولين جي ڪِي بورڊ ۾موجود ڪيون ويون آهن، يعني: ايڊيٽر، ڊڪشنري، سارٽنگ آرڊر ۽ لئنگئيج ڪنورٽر يعني ٽرانسليٽر وغيره.

۴. سنڌي ٻوليءَ جي Text Form ۾ ويب ڊزائيننگ ڪرڻ.

۵. سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪمپيوٽر جي مدد سان، مارڪيٽنگ جون سڀ سهولتون مهيا ڪرڻ، جيڪي ٻين ٻولين ۾ حاصل ڪيون ويون آهن.

٦. انٽرنيٽ تي سنڌي ٻولي سيکارڻ

٧. انٽرنيٽ تي، سنڌي ادب، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ سنڌي موسيقي وغيره، مطلب تہ Virtual Sindh جون سڀ سهولتيون مهيا ڪرڻ.

(ج) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ، سنڌي ٻولي سيٽلائيٽ تي ڌار ڌار چئنلن تي اچڻ کان پوءِ هاڻ، عالمي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. انهن چئنلن ذريعي، سنڌي ٻوليءَ کي جتي هن وقت لڳ ڀڳ هڪ سؤ ملڪن ۾ هڪ نئي پليٽ فارم تي آندو ويو آهي، اُتي سنڌي قوم جي نئين نسل کي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي ثقافت کي سمجهڻ لاءِ موقعا مهيا ڪيا ويا آهن.

اُميد آهي تہ، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم ۾ ڄاڻ رکندڙ نئون نسل پنهنجي سر ڪوشش ڪري. سنڌي ٻوليءَ کي عالمي ٻولي بنائڻ ۾ اڃا بہ وڌيڪ ڪوشش ڪندو. هن ڏس ۾ 'سانا'، 'ورلڊ سنڌي ڪانگريس' کان سواءِ، ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي قوم جي ٿاهيل انجمون بہ خاموش ويهڻ نہ گهرجن.

## حوالا

١. گدواڻي پرسو ، ڊاڪٽر، 'سنڌڪي ۽ دراوڙي شخصي نالن ۾ هڪ جهڙايون ۽ مينگهواڙ شخصي نالا'، مقالو: سنڌي ادب ۾ ڇپيل، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٩۴ع، جلد ١٢، نمبر ٢، ص ص ۴٩-٥٧.

٢. راشدي، پير علي محمد شاھ، اُهي ڏينهن، اُهي شينهن، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٩ع.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٣. ڪوفي، علي، 'فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو'، مترجم: مخدوم امير احمد، تشريح و حواشي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٤ع.

٤. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'سنڌو تهذيب جي لکت جي ڀاڃ'، مقالو: سنڌي ٻولي، شمارو: ٢، جلد ٤، اپريل-مئي-جون، ١٩٩٤ع، ص ص ٣-٧.

٥. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ١٩٩٩ع، ص ٨٤.

٦۔ محمد حسین،ڈاکٹر، 'ہندی ادب کی تاریخ'، علی گڑھ: انجمن ترقیِ اردو، ١٩٥٥ء، ص:١٧۔

7. Mahar, Abdul Haq, Dr. 1992 The Soomras, Multan, Beacon Books, P. 43.

8. Chattarji, S.K., 1942 indo Aryan and Hindi Ahmadabad, Gujrat Vernicular Society, Pp. 164-165.

9. Khan F.A, Dr.1960 Bhambore Excavations, editions, pp. 29-30

10. Kenoyer, J. Mark 1997 Ancient Cities of Indus Valley, Karachi, Daily Dawn, Tuesday, June 3, 1997

11. Mughal, M, Rafique, Dr. 1996, Interview published in Daily Dawn Karachi, May 4. 1996.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair